# واحد ويراڳين جا

## سائين جي. ايم سيد ڏانهن

ميان محمد امين کوسي جي لکيل خطن جو مجموعو

جلد پهريون - سال ۱۹۳۸ع کان سال ۱۹۶۶ع تائين

ترتيب ڏيندڙ:

عبدالواحد آريسر

۽

تاج جويو

Gul Hayat Institute

سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت

حيدرآباد سنڌ.

۱۹۸۷ع

# واجٹ ويراڳين جا

سائين جي. ايم. سيد ڏانهن ميان محمد
امين کوسي جا لکيل خط. جلد پهريون
(١٩٣٨ع کان ١٩٦٦ع تائين)

Gul Hayat Institute

# واجٽ ويراڳين جا

سائين جي. ايم. سيد ڏانهن ميان محمد
امين کوسي جا لکيل خط- جلد پهريون
(١٩٣٨ع کان ١٩٦٦ع تائين)

ترتيب ڏيندڙ
عبدالواحد آريسر
۽ تاج جويو

Gul Hayat Institute

سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت
حيدرآباد سنڌ
١٩٨٧ع

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

ڇاپو: ٻهريون اپريل ١٩٨٧ع ١٠٠٠ ڪاپيون

قيمت ٥٠-٠٠ روپيا

Gul Hayat Institute

هيءُ ڪتاب آڪاش پرنٽنگ پريس، ڳاڌي کاتي، حيدرآباد، مان ڇپائي، محمد ابراهيم جويي، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، ٣-٨ منظور چيمبرس، حيدرآباد سنڌ، پاران شايع ڪيو.

# واجهه ويراڳين جا

## مضمونن جي فهرست


| | | |
|---|---|---|
| پيش لفظ | — عبدالواحد آريسر ۽ تاج جويو | ١ |
| فصل پهريون: | ميان محمد امين خان عبدالعزيز خان کوسي جي حياتيءَ جو احوال | ٧ |
| فصل ٻيو: | ميان محمد امين کوسي جا خط، سال ١٩٣٨ع کان ١٩٦٠ع تائين | ٣٨ |
| | — جوابي خط | ٨٠ |
| فصل ٽيون: | ميان محمد امين کوسي جا خط سال ١٩٦٥ع جا | ٨٥ |
| | — جوابي خط | ٢٠٠ |
| فصل چوٿون: | ميان محمد امين کوسي جا خط سال ١٩٦٦ع جا | ٢١٨ |
| | — جوابي خط | ۴۴٩ |


Gul Hayat Institute

# واجٽ ويراڳين جا

Gul Hayat Institute

”واڇُٽَ ويراڳِيَن جا، مُون وَٽِ وَڏِي وَٽُ،
سُونُ سَپوئِي سِڱِيونُ، پَسِي کين ڪَمَتُ،
ويساهي ويلَ ڪَنهِين، پورب ويندو پَٽُ،
هَلُ! ڪنياٺون هَٽُ، آءٌ نه جِيئَندِي اُن ري.“

—

”واڇُٽَ ويراڳين جا، مون وٽ وڏو مالُ،
مَقالان مَهَند ٿيا، ڪونهي وٽن قالُ،
حاصِلُ جنين حالُ، آءٌ نه جِيندي اُن رَيَ.“

Gul Hayat Institute

جا خط سنڌس ان احساس ناپسنديدگيءَ جي ترجماني ٿا ڪن.
—جي. ايم. سيد

(١)

....١٩٣٨ع— بخدمت شريف، جناب سيد غلام مرتضيٰ
شاهه صاحب!

هي ننڍڙو مضمون موڪليان ٿو:

اوهان، جي پاڪ ۽ مقدس مراقبن ۾ وينا هوندؤ، آنهن
کي هندستان ۽ سنڌ جي بکين، بي حالن، مظلومن ۽ بي دست وپا
ماڻهن جي ڪهڙي پرواهه ۽ اونو!

اوهان، جي روح کي اطمينان هوندو. قلب کي راحت
هوندي، تهجد هوندا، نمازون هونديون، ۽ روزا هوندا!!

روزا، نمازون، ايءُ پڻ چڱو ڪم،
آ ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرين!

يلي! غريبن جي ڪمائيءَ تي، "نديءَ ڪناري" ويهي،
"الله سان روح رهاڻ ڪريو."

يلي، سرمائيدارانه ڳوڙها ڳاڙيو، پر، ڏچو آن ڏينهن ڪان
جنهن ڏينهن هارين ۽ مزدورن جو آهني چنبو هوندو ۽ اوهان
جا ڳلا هوندا!

اوهان جو الله، شال اوهان کي ڪا حقيقي "درد"
ذري عطا ڪري!
—امين.

[نوٽ: ١٩٦٥ع ۾، سون ڪيس سنڌس مٿيون خط ڏياري
موڪليو، ۽ لکيو مانس:

"آن وقت آءٌ تهجدن ۽ نمازن ۾ هوس، تون پري هئين،
جيئن تنهنجي خط مان معلوم ٿئي ٿو؛ ۽ هاڻ تون منهنجي مذهبي
خيالات جي آزادانه اظهار تي، نڪته چيني ڪري رهيو آهين."
—جي. ايم. س.]

طرف- سيٺ هارون، گزدر، شيخ صاحب، کھڙو، راشدي، مطلب ته سواءِ بندي جي، سڀ هڪ طرف. هڪ آدمي جيترو ڪري سگهندو آهي، سو ڪيو. شهيدن جي رت سنڌ کي بچائڻ خاطر ڏنو. هت به عشق آهي ................ هي خط نه ٿيو، هڪ دستاويز مرتب ٿيو.

در بزم تو مي خيزد افسانه ز افسانه!

-محمد امين کوسو.

Gul Hayat Institute

جي نظر ۾. بهرحال سنگت لاءِ حتي الامڪان جيڪي ٿي سگهندو، ڪبو، ليڪن، حال ته امڪان اهو ٿو ڏسڻ ۾ اچي ته ممورئي سنگت کي شايد تڪليف پهچائين.

٢- ڪهڙي مختيارڪار اوهان جي ملڪيت مان ڍل وصول ڪئي آهي؟ خان بادشاهه اچ مليو. طبيعت پوري ٺيڪ نه اٿس، پر خوش آهي. خدا، شال! انهن بزرگن جي حياتي دراز ڪري. سوڪڙي آهن. هتي قدر ڪمهن جو آهي. اشرافن جي اڄڪلهه پڇا گهٽ آهي.

توکي سڀ سنگت ياد ڪري ٿي. زياده خير والسلام،

غلام مرتضيٰ

(٥)

سينٽرل جيل، ڪراچي، ٣-١-١٩٥٥ع.

برادرم محمدامين!

السلام عليڪم: اوهان جي ياد آوريءَ لاءِ شڪريو! آءٌ خوش آهيان. اميد ته اوهان به خوش هوندا.

مون سيني دوستن کي چيو آهي ته هتي خط پٽ نه لکن. سبب ڏيڻ جي ضرورت نه آهي. موسم خراب آهي، هرويرو پاڻ کي تڪليف ۾ نه وجهن. اميد ته خوش هوندا.

——زياده خير و السلام، غلام مرتضيٰ.

Gul Hayat Institute

(٦)

سن، ٢٨-٨-١٩٦٠ع

برادرم عزيز ميان محمد امين!

السلام عليڪم: اوهان جو خط ڪهڙي وقت ڪان پوءِ بهتو. اندر ته پهچندا رهندا هئا. مجذوبيت نمايان طرح منجهانئس ظاهر ٿي ٿي، جنهن ۾ ڪيئي جواهرريزه مٿيءَ ۾ مليل، باريڪ بين نظرن کي ڏسڻ ۾ پيا اچن.

# فصل ٽيون

## خط سال ١٩٦٥ع جا

هن فصل ۾ مرحوم محمد امين جي موڪليل ١٠٢ خطن مان ٦٨ خطن جو اختصار، ۽ ساٿين جي، اهم، سمجهه جا ۹ خط ڏجن ٿا. (مرتب)

[نوٽ: ١٩٦٠ع کان ١٩٦٥ع تائين، آءٌ جيل ۽ نظربندين جي حوالي هوس. حالت هيءَ هئي، جو جسم نظربند، زبان تي تالا ۽ قلم تي سنسرشپ لاڳو هئي. تنهنڪري، برادرم ميان محمد امين خط و ڪتابت نه ڪري سگهيو. دردِ دل ۾ سانڍيندو ويو، جو نيٺ ١٩٦٥ع ۾، جڏهن به آءٌ نظربند هئس، پرنڌڙ جيل جهان ڦالسي، ”لاوي“ جي صورت ۾، هنن خطن ذريعي ظاهر ٿيو. هن هڪ سال ۾ گهڻائي خط لکيائون، پر مون وٽ ١٠٢ خط محفوظ ٿي سگهيا.

مرحوم جا خط اهڙا دل آويز آهن، جو هوند جملي پيش ڪجن، پر هيٺين ڳالهين سببن ڪري، اختصار تي اڪتفا ڪجي ٿي:

(١) مواد جي گهڻائيءَ ڪري، جملي خطن جو ڇپجڻ مشڪل ٿي پيو ها.

(٢) اڄڪلهه پنو ۽ ڇپائي، گران ٿيڻ ڪري، خرچ تمام وڌي وڃي ها.

(٣) اڪثر ماڻهو، وڏن ڪتابن ۽ گهڻي مواد پڙهڻ جا عادي نه آهن. وقت جي گهٽتائيءَ ڪري، ننڍا مضمون پڙهڻ پسند ڪن ٿا.

Gul Hayat Institute

۽ رکندڙ عبيدالله سنڌي جهڙا اڄوڪي سنڌ ۾ رونق افروز آهي....

ـ محمد امين کوسو.

(٢٤)

٢٤-١١-١٩٦٥ع

حضرت قبلا جي.ايم شاهه!

توهان ڪنج تنهائيءَ ۾ بادشاهي ڪندو رهو ۽ سنڌ سڄي بنديخانو بڻجي وڃي!

روح جاتي آزاد نه هجي، قالب جاتي پابند هجي، اُتي رهائش لاءِ آدمي ائين ئي ڪي طريقا ڳولي ڪڍندو آهي، جيئن مان ڪري رهيو آهيان؛ توڏي خطوط جو اڻ کٽ سلسلو شروع ڪري ڏنو اٿم.

مان وٽ ته سنڌ ڪعبي سان ملائيندڙ ۽ دين رسول الله ۾ اچڻ جو سبب آهي؛ سنڌ نه هجي ها، ته مان مسلمان نه رهي سگهان ها. منهنجي مني محبوب سائينءَ جي پيدائش سنڌ ۽ سندس جسم اقدس سنڌ ۾ ئي موجود آهي!__ منهنجي سنڌ پرستيءَ سان ڪير مقابلو ڪري سگهندو؟ بين الاقوامي ديني سياست جو مرڪز واقعي ۽ حقيقتاً سنڌ ئي آهي. دين جو پهلو حضرت پير سائين ۽ حضرت مولانا پيڙو، سياست ۾ جي.ايم. شاهه ۽ فخر سنڌ و هند شيخ عبدالمجيد سنڌي محض مردم ڪشي ته دين جي خدمت ڪانه آهي........... هيءَ اوندهه، جنهن ۾ ڪجهه به ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي، سا ته ختم ٿئي. اها ڪاري رات ۽ اها اوندهه جي چادر چاڪ ڪندڙ طاقت، هن وقت صرف ”سن“ ۾ آهي.

ــــمحمد امين کوسو.

(٢٧)

ڊپٽي ڪمشنر آفيس، جيڪب آباد،
٢٥-١١-١٩٦٥ع
حضرت شاهه صاحب!

.......... ڪيڏو نہ اهم موضوع آهي مورخ لاءِ، هاڻوڪي ٻن ڏهاڪن سو سالن جي سياست ۽ آن ۾ سياستدانن جو درجو ۽ مقام — ! توهان تاريخ جو شاگرد نہ رهيو آهيو، مان وٽ ته اهڙي ڪائي تاريخ ۽ سياست جو مضمون بہ هئو، وري خود تاريخ ساز بہ ٿيوس. انگريزن کي هندستان مان ڪڍڻ جي آخرين باب ۾ منهنجو ڏي تہ اهم ڪردار آهي. جو ڪنهن نہ لکيو، خود تو بہ نہ لکيو.

زميندار هوٽل ڪان حيدر منزل طرف... بي تحاشا شب وروز گهمرا، پنڌ ۽ طواف!!

الهہ بخش جي طاقت جو اصلي سبب، مان — منهنجي اصلي طاقت جو سبب منهنجو مٺو محبوب سائين ۽ ٻي سموري سنڌ، يعني جي ايم سيد ۽ شيخ صاحب جي محبت!

سنڌ ۾ الهہ بخش تہ لکياڻون، پر الهہ بخش ڪنهن جي نمائندگي ڪندو هو، آهو ڪنهن بہ ڪونہ لکيو.

سندس قبر بہ مان لاءِ آن ساکي ۽ جيتري جاڳندي نماڻائي ۽، نهٺائي ۽ محبت جو اظهار ڪندي آهي.

— محمدامين کوسو

(٢٨)

٢٥-١١-١٩٦٥ع
حضرت قبلا شاهہ صاحب!

سيد سڪورا! جيڪو مان لکان ٿو، چوان ٿو، اهو آهين تہ برابر توهان، پر محمدابراهيم جويو جي وايا نہ! ادب ۾ مان

Gul Hayat Institute

حڪومتن ڪنهن جي دل ۽ دماغ ڪسي ڪنجي ڪانه هنئي آهي. بلڪ سنڌ جي عام جهالت (جهالت مان مراد سنڌ اندر ته پڙهيل گريجوئيٽ نردن جي جهالت آهي) کي خيال ۾ نه رکي، ڪنهن حڪومت کي هن تي آماده ڪرڻ بہ بلڪل سهل ۽ آسان آهي، ته سنڌ جو سچو سارو سرمايو، اهو جي.ايم شاهه آهي ..........پر هيڏي ساري انسانن واري سنڌ، ڪراچيءَ کان ڪشمور تائين، غفلت ۽ بي‌حسيءَ جي چادر تائيون، اگهور ننڊ ۽ نشي ۾ سُتي پيئي آهي- آهه! غفلت شعار سنڌ! تحسن ڪش، احسان فراموش سنڌ!!.........

— محمدامين کوسو.

(٥٩)

٢٤-١٢-١٩٦٥ع

حضرت قبلا جي. ايم. شاهه!

توڏي لکندڙ قلم سان هڪ نامعقول ملان ڏي ۾ چار سٽون لکيم، ته قلم اڏ مان پڇي پيو—

نئون قلم وٺان، ان کي توڏي لکيل خطن سان آسهايان، نڏهن وڃي ڪو ٻڃي-

تنهنجي تندرستيءَ جي احوال جو بيحد انتظار رهندو آهي- ايتري دير؟ روزانو لکندو ڪر-

— محمدامين کوسو

(٦٠)

٢٧-١٢-١٩٦٥ع.

بحضور جي-ايم سيد صاحب!

مڪتوب گرامي ٢٤-١٢-١٩٦٥ع جو باعث صدافتخار ٿيو. الله ڪو توکي ان باري ۾ وڌيڪ سخي فرمائي!

تعذير جرم عشق هي بيڪار محتسب!
بڙهتا هي اور ذوق گنه يان سزا ڪي بعد

واري معامللي کي ڪير پڇي؟

چو بيخود گشت حافظ ڪي شمارد
به يڪ جو مملڪت ڪائوس ڪي را

اميد ته خوش و خرم هوندا. اينئدا ته پلي اچو جي ڪثرت ڪاروبار ڪري واندڪائي نه ٿئي ته پري کان دعا ڪندا رهندا.

گرچه دورم از بساطم قرب همت دور نيست

زياده خير والسلام، غلام مرتضيٰ

(٢)

من، ١٣-١١-١٩٦٥ع. برادرم محمد امين،

السلام عليڪم. سرڪار نامدار مهرباني فرمائي، ڪنج عافيت عطا فرمائي آهي. آن ۾ هرويرو چو تا خلل انداز ٿيو.

ملڪ آزادگي و ڪنج قناعت گنجي است
ڪه به شمشير ميسر نه شود سلطان را

تنهنجي مون سان واقفيت سياسي دنيا ۾ ٿي، نه مذهبي دنيا ۾. آن ۾ باوجود شخصي تعلقات جي، طريقہ ڪار علحده رهيا. هن وقت آءٌ سياست کان ٻاهر، ڪنج عافيت ۾ رهندڙ آهيان. آن ۾ پرائيون ڳالهيون ڇوري، ستا سور نه جاڳاءِ!

ڏاڻي چڙهي ڏار تي، ڪي جو ڪانگ ڪهيو،
سوريءَ سور پئي، تهو ٻٽ ڪيو،
ڪاسي ارٽ ڪنيو، ويچاريءَ ورونهن سان!
(شاهہ)

نعپ کان ساڍا ست سال ٿيا آهن جو منهنجو تعلق لاڳاپل آهي. پاشانيءَ سان انهي وقت کان تعلق ڪونہ رہيو آهي.

واڻون وڃي، ليون، ڪُـه ڇاڻان ڪهڙيءَ ويا!

اوهان کي جيڪڏهن پنهنجي مرشد ۽ معلم جي ڏسيل واٽ پسند آهي ته بسم الله، پر سلوڪ جي راه ۾ اها ڳالهه ڪفر سمان آهي، جو صرف پنهنجي راهه کي صحيح ۽ سڌي سمجهجي. قرآن شريف فرمائي ٿو ته "لڪم دينڪم ولي دين".
شاهه صاحب فرمائي ٿو ته "عين شرڪ ايءُ، جو بي شرڪ پاڻهون پاڻ ڪي!"

جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناهه سجود،
وڃــائي وجود، تهــان پــوءِ تڪبير چئو!
اسان جي استادن نابوديءَ جو سبق ڏنو آهي. جي:

خودي ۽ خدا، ڪين ماپندا من ۾،
ٻن ترارين جاءِ، ڪانهي هڪ مياڻ ۾!

---

جنهين پانيو پاڻ، ڪيائون توائي تن کي (شاهه)

---

نابوديءَ نهي، عبد ڪـــي اهلي ڪيو،
ســورت ۾ مخفي ٿيا، صورت پـــڻ سوئي
ڪجي آت ڪيهي، ڳالهه پريان جي ڳجهه ۾! (شاهه)

Gul Hayat Institute

اسان کي وحدت الوجود جو سبق سيکاريل آهي. جنهن موجب:

مون کي اکـــڙين، وڏا ٿورا لاٿيا،
ته ٻئي پرين پسن، ڪٿان جي ڪر ساڃهون!

اوهان کي اوهان جو اسلام نيڪ ڀيو سمجهي، جنهن ۾ خدا به اوهان کان ٻجي ڪم ڪندو، ته ٻڌاءِ تنهنجو ڇوڻ ڇا آهي؟
اسان کي ته هيءُ سبق سيکاريو ويو آهي ته
واڳ ڌڻيءَ جي وس، آءٌ ڪا پاڻ وهيئي!

مون سان مهرباني ڪري، مذهب جي معاملي ۾ گفتگو نه ڪر. جي ڪرين ته شاهه لطيف جي نصيحت پڙهي، پوءِ گفتگو ڪج!

جي ويڙهو هئين ته ويهه، نه ته وڃيو واٽ وڻهه ٽون،
هيءَ تنهن جو ڏيهه، ڪاتي جنين هٿ ۾!

اسان کي شاهه سائينءَ اهو سبق ڏنو آهي ته

ڏس جي ڏسين، ته همه کي حق چئون،
شارڪ شڪ نه نين، اندا انهيءَ ڳالهه ۾!

پيغمبر حق جو جيڪڏهن اوهان نالو ورتو ٿا، ته مهرباني ڪري پڙهو ته آن سان نه صرف اوهان ۾ اقبال جو لاڳاپو آهي، پر مون ۾ حسين احمد جو پلاند به ڳنڍيل آهي.

جيڪي ڏنو هو مون، آريائي، اوهان نه ڏنو هو!
(شاهه)

هيءَ نينهن جو ناتو نهايت نازڪ آهي. اهو نه خطن ذريعي، نه بحث ذريعي حل ٿي سگهي ٿو. خواجه حافظ ڪهڙو اڪ چٽي ويو آهي ته

حديثِ مطرب و مي گو و راز دهر ڪمتر جو،
ڪه ڪس نه ڪشود و نه ڪشايد به حڪمت اين معما را!

عالم آهه سان، پريو تو پيرين ڪري،
پاڻ نه آهي چاڻ، ماڻديءَ منڊ ڪيڙيو!

اميد ته خوش و خرم هوندا. خط پلي لکندا رهو، پر مهرباني ڪري مذهبي ڳالهه نه ڇيڙيو.

زياده خير و السلام. — غلام مرتضي

(٣)

ص، ٢٠-١١-١٩٦٥ع

دیکھنا تقریر کی لذت کہ جو اس نے کہا،
میں نے یہ جانا کہ گویا میری دل ۾ ھي

برادرم عزیز میان محمدامين!

السلام عليڪم. باوجود منع ڪرڻ جي به جند نٿو ڇڏين. هاڻ ته تہ پڙايانء! تنهنجي هاڻوڪي آيل مڙني خطن ۾ مطلب جا چار جملا آهن:

(١) توکي ڪوٺي وقت کان منهنجي ذڪر ۽ عمل ۾ ڪي خاميون ڏسڻ ۾ پئي آيون آهن، پر باوجود ڪوشش جي تون انهن کي درست ڪرائي نہ سگهيو آهين.

(٢) باوجود انهن خامين جي تو مون ۾ ڪي صلاحيتون ڏٺيون آهن، جن مان انسان ذات جي ڀلي ٿيڻ جو امڪان آهي.

(٣) توکي اقبال سان، حسين احمد مدنيءَ کان وڌيڪ دلچسپي آهي.

(٤) تون وقت جي حاڪمن سان رغبت پيدا ڪري، کين صحيح راه کان واقف ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪرين ٿو.

انهن ڳالهين بابت منهنجا جواب هيٺيان آهن:

پهرئين فقري جو جواب:

عيبن ۽ خامين کان ڪير پاڪ آهي؟ مون کي جڏهن واقفيت ۽ تجربو گهٽ هو تہ پنهنجي خامين جو پتو ڪونہ هوم. هاڻي ٿورو ٿورو پتو پوڻ لڳو اٿم. پر عيبن جو پتو پوڻ جدا ڳالهہ آهي، راهہ هدايت جو علم جدا مسئلو آهي. اما هدايت نہ توکان ملي سگهي اٿم، نہ ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ ميسر ڪري ڏني اٿم.

موڪلجي ٿو. پڙهي واپس موڪلج، ته رڪارڊ تي رهي.
هاڻ تون نمازن ۾ آهين، ۽ آءٌ پڇري آهيان.
آن وقت آءٌ نمازن ۽ تهجدن ۾ هئس ۽ تون پري هئين! (غ م)

(٧)

سن، ١١-١٢-١٩٦٥ع.

پسو اڄ لطيف چئي، ڪيڏي ڪي ڪکن،
يا ته ڪنڌيءَ ڪن، نا ته ساڻ وڃن سير ۾!

برادرم محمدامين!

السلام عليڪم: هڪ ته ٻئي ڏينهن خط ملندا رهن ٿا. ڪي خط ته جنسي انسپائرڊ ڏسجن ٿا. اهي بامعني ۽ بامطلب هئڻ ڪري علاوه پر سوز ۽ پر اثر معلوم ٿين ٿا.

چنان در جان من سوزش اثر کرد
که بي رقت نديدم هيچ شي را!

آخري خطن ۾ جي ايم سيد، سنڌ، پاڪستان ۽ ڪشمير جي مشڪلاتن جو ذڪر ڪيل آهي. گهڻو وقت گوشه نشينيءَ ڪري دماغ سوچ ويچار ڪرڻ کان ضعيف ٿي ويو آهي. آن ڪري بعضي حالتن ۾ مونجهاري وقت فقيرن کان انهن مسئلن بابت رهبري وٺندو آهيان. فقير صاحب سان ڪيل اهڙيءَ ملاقات جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو:

جڏهن فقير صاحب کي اوهان جي لکيل حال کان واقف ڪيم، ته آن مٿين ڳالهين بابت هيٺيان جواب ڏنا، جي ملاحظي لاءِ خدمت ۾ موڪليان ٿو:

(١) جي-ايم-سيد جي نظربنديءَ کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ بابت فرمايائون ته سيد نظربند پاڻ کي آن ڪري ڪرايو آهي، جو سندس محبوب سنڌ آزاد نه آهي، اها

ڏاڍين ١٦٧ مشاهير سنڌ جي حياتيءَ جو احوال قلمبند ڪري چڪو آهيان. آنهن مان پنجن جي حياتيءَ جو احوال ملاحظي لاءِ موڪليان ٿو، جيئن اوهان کي پتو پئجي سگهي ته مختصر ڪهڙيءَ طرح سنڌ جي مختلف ماڻهن جي زندگيءَ کي قلمبند ڪري رهيو آهيان.

اوهان پنهنجي نسبت ٢٤ تاريخ واري گهربل احول کان واقف ڪندا. ڊيگهه نه ڪپي. سوالن جا جواب ملي گهرجن.

١- اوهان کي ڀاءُ گهڻا آهن. سنڌن نالا؟

٢- اوهان کي اولاد ڪهڙو آهي؟

زياده خير و السلام، غلام مرتضيٰ

Gul Hayat Institute

سان سهامت ڪهڙي مفهوم ۽ معنيٰ ۾ چوان ٿو، ان جي تشريح ڪنهن خط ۾ ٿي چڪي آهي.

اڄ عيد جي رات آهي. تنهنجي ئي يادگيرين سان دل ۽ دماغ ڀريل آهي.... هيءَ خط به هڪ قسم جي عبادت پوري ڪري ٿو، ڪهڙن ڪهڙن الله وارن جي رحمتن جو عڪس آن تي پوي ٿو.

تنهنجو وجود ماضي، حال ۽ مستقبل تي حاوي وجود آهي. تون پاڻ هڪ دور ۽ هڪ تاريخ آهين. هي خطوط، ڪچن ڦڪن الفاظن ۾، آن دور ۽ تاريخ جي تذڪري سان ڀريل آهن........ — محمدامين کوسو.

(٦٠)

عزيزآباد، ٢-٤-١٩٦٦ع

قبلا حضرت سيد اعظم جي-ايم-سيد صاحب!

سنڌ هڪ بيجان قالب قطعاً نہ آهي، باجان آهي. پر ان باجان کي تربيت ڏيڻ جو ڪم نقادن به مڪمل غور ۽ خوض سان ٿي نہ سگهيو. ڪوششون به يقينان جاري رهيون آهن.

هي خطوط چا آهن، جي عملي ڪوشش جي نشاندهي نٿا ڪن. بهرنوع نہ وقت وڃائڻ جو هيءُ موقعو آهي، ۽ نہ باهہ ۾ ٽپي پوڻ ئي صحيح دڳ آهي. محتاط رهي، عمل ۽ فڪر جو دامن ڦهلائڻو آهي........

جي-ايم-شاهہ امن ۽ عافيت جو ضامن آهي......

قومن جي حفاظت ۽ بقا لاءِ قومن جي محافظن ۽ حقيقي خيرخواهن کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ بهترين تدبير آهي. اهو جهاد به هون جهاد آهي. — محمدامين کوسو.

Gul Hayat Institute

ڪي ديني سياست جي قيام لاءِ لائق ۽ صالح سمجهڻ.

(٤) مون کي باوجود جسمي نظربنديءَ جي آزاد سمجهڻ.

(٥) منهنجي سياست مان رٽائرڊ ٿيڻ جي باوجود سياسي مرڪز سمجهڻ.

(٦) نااميديءَ کي اوڏو ڏسڻ.

(٧) بي دينيءَ ۾ دين پرکڻ ۽ دين ۾ بيديني ڏسڻ.

تون چاڻين، تنهنجا ڪم- منهنجي اتي پڇندي ڪانهه آهي.

اميد ته خوش خرم هوندين.

زياده خير و السلام،

غلام مرتضيٰ.

Gul Hayat Institute

